پروفيسر ڊاڪٽر غفور ميمڻ
چيئرمين، ڊپارٽمينٽ آف سنڌي
يونيورسٽي آف ڪراچي

# شاهہ جي بيتن ۾ معنائن بابت مونجهارا

# PROBLEMS IN BEAT OF SHAH


## Abstract

Nowadays linguistics of Shah Latif Bhitai is very important and broad subject. Urbanization is bitter process for those nations which have been oriented by nature. We the people of Sindh are rapidly going to urbanize. During this process, we are mislaying the old and original word of Sindhi language. Hence, Shah Latif is more difficult to understand for urbanized people. Some researchers are trying to find out the actual meaning of Shah Latif's poetry, but there are certain conflicts between them as "How to understand and transfer the actual meaning". This is question of modern era. Language is divided into two parts science and philosophy, when we want to understand Shah, we must know the actual philosophy of Shah because we would know the linguistics of Shah then. Actually Sindhi language is divided in different dialects every dialect has its own background of history and philosophy. Shah Latif can be understood if his story of poetry is learned in his native land.

In this research paper, I have to understand the actual linguistics of Shah and also referred the certain surroundings of story, philosophy and nature


مون ڏهہ سال اڳ هڪ دوست کي چيو هو تہ "هڪ ڏينهن ايندو جو ماڻهو شاهہ جي بيتن جي لفظن جي معنيٰ ٻڌائي پي ايچ ڊي جي ڊگري وٺندا، ايترو جلدي اهو ڏينهن اچي ويندو اهو مون نہ سوچيو هو. اڄ ماڻهو شاهہ جي بيتن جي جي لفظن جي معنيٰ ٻڌائي پاڻ کي عالم ٿا سڏائن. اسان جا گهڻا دانشور وري انهن جي ساراهہ جا ڍڪ ٿا پرين. مون کي حيرت آهي اسان پنهنجي ٻولي پنهنجن ماڻهن کي ٻڌائي عالم ٿا سڏايون؟. ڇا اهڙي صورت حال اچي ويئي آهي جو سنڌي ٻولي متروڪ ٿي ويئي آهي؟. برابر سرڪاري اسڪولن ۾ حال ڪونهي، پرائويٽ اسڪولن ۾ سنڌي پڙهائي ڪونہ ٿي وڃي سو هڪ ڏينهن ضرور ايندو اسان ڏسندا رهجي ويندا سين. ٻولي ختم ٿي ويندي، پوءِ برابر اسان سنڌي ٻولي ماڻهن کي ٻڌائي داد وصول ڪنداسين. جيڪڏهن اهي عالم سڄورا معنيٰ صحيح ٻڌائن ها تہ اڃا بہ ڪٽي واهہ واهہ

ڪريون ها پر افسوس تہ انهن عالمن اجا وڏيڪ مونجهارا پيدا ڪري ڇڏيا آهن. ماڻهو منجهي پوي ٿو ڪنفيوز ٿي وڃي ٿو. هڪ عالم ڪجهہ چوي ٿو تہ وري ٻيو عالم ڪجهہ چوي ٿو بلڪ گهڻا عالم بضد آهن تہ اسان صحيح آهيون.

جيئن ڪنهن وقت اسان جي عالمن جو سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت نظريا پيش ڪيا تہ هندو چون تہ سنڌي ٻولي سنسڪرت مان نڪتي آهي، مسلمان چون تہ سنڌي ٻولي سامي سٽ جي زبان آهي مٿس عربي جي مهرباني آهي. وري قوم پرست چون تہ نہ بابا سڀ غلط آهن سنڌي ٻولي تہ سنڌ ڌرتي جي فطرت مان ڦٽي نڪتي آهي. اهڙي طرح ڀٽائي جي ٻولي بابت بہ سنڌ جا عالم لهجن ۽ علائقن ۾ ورهايل آهن. اترادي پنهنجي معنيٰ ٿو ڏي، لاڙي چوي تہ آئون صحيح آهيان، ٿري پنهنجي معنيٰ ڪڍيو ويٺو آهي، ڪوهستان وارو چوي تہ ڀٽائي جي بيتن جي لفظن جي معنيٰ صرف اسان کي اچي ٿي. ڪي عالم اهڙا بہ آهن جيڪي ڀٽائي جي ٻولي کي معياري يا اڪيڊمڪ لهجي ۾ تبديل ڪرڻ جي خواهش رکن ٿا. مطلب تہ "مئي هاٿي مامرو اچي پيو اَنڌن"

جڏهن اسان يونيورسٽي ۾ پڙهندا هئاسين تہ شاهہ لطيف هڪ الڳ سبجيڪٽ هوندو هو ڀٽائي جي شاعري جي معنيٰ، فڪر، سوانح حيات، ان وقت جو دور، تاريخ، هم عصر شاعر ان دور جو فلسفو پڙهايو ويندو هو.تڏهن اسان هڪ ڳالهہ سکي تہ لطيف جو بيت پرکڻ، جاچڻ جو صحيح طريقو اهو آهي تہ لطيف جو فڪر پرکجي، هر سر ۾ داستان جو زمان مڪان جاچجي، ان کان پوءِ لطيف جي بيت جي فطرت جو مشاهدو ڪجي.

مثال : "سر نسريا پاند، اتر لڳا آءُ پرين" هاڻي جيڪڏهن چوي ٿو "سرن سڙيا پاند" تہ ان بيت جي منظر جي فطرت جو مشاهدو نہ ڪيو تہ اتر لڳڻ شروع ٿئي تہ سر نسرندا يا سڙندا؟

وري هي بيت ڏسو : "گندَ ڄنين جي گوڏ ۾ پاپوڙا پوشاڪ" هاڻي لفظ گندَ جي معنيٰ اسان جي ڪجهہ عالمن لکي ڪن، ڪچرو، ڪرپٽي وغيره. هاڻي مسئلو ڇا آهي تہ شاهہ لطيف سڄي سنڌ پيرين پيادو گهمي مشاهدو ماڻيو. پر اسان جي عالمن تہ سنڌ ائين ڪانہ گهمي يا ڊرائينگ روم ۾ ويٺي معنيٰ لکي تہ پوءِ صحيح معنيٰ جي خبر ڪيئن پوي؟ اتر ۾ گندَ ٿين ئي ڪونہ. اهي صرف لاڙ ۾ ٿين سي بہ ماڇر واري علائقي ۾ تنهن ڪري گندَ جي معنيٰ عالمن غلط لکي.

گندَ پاڻي جو هڪ ميوو آهي، ڪنول جي پاڙ آهي جتي لوڙيون، ڪم، بيهہ، ٻور، ڪوڻيون ٿين اتي گندَ بہ ٿين اهي سڀ شيون بيٺل پاڻيءَ ۾ ٿين. گند ٻن کان ٽي انچ ڊگها ۽ مٿس ڪاري کل ٿئي اسان ننڍي هوندي وٽي ردي کائيندا هئاسين، ڪچا بہ کائي سگهجن ٿا. وري ٻيو بيت ڏسو

”جان تن ڪئو نہ تيئن، سوئيريائين سنهڙو
پرين پيندا ڪيئن توکي، اکڙين ۾“

اسان جي عالم سوئيري جي معنيٰ لکي ”سئي جهڙو سنهڙو“
هاڻي سوچيو پرين سئي جهڙي کهڙي سنهڙي شيءِ اکين ۾ پائيندا؟ لاڙ ۾ سرمي کي سوئيرو چيو ويندو آهي، اسان تہ سرمي جو لفظ ئي پوءِ ٻڌو نہ تہ سوئيرو چوندا هئاسين. هاڻي معنيٰ سولي پئي آهي تہ جيستائين تون پاڻ کي سرمي جهڙي سنهڙو نہ ڪندي پرين توکي اکين ۾ ڪيئن پائيندا؟. هنڌي بيت آهي تہ

”ڪاجل ڪرون تو ڪنڪرا، سرما ڪيا نہ جائي
ان نينون ۾ اڪ تو، دوجا ڪهان سمائي.

اکين ۾ پرين توکي ويهاريندا تڏهن جڏهن تون عاجزي، انڪساري سان انا، غرور تڪبر ختم ڪري پاڻ پيهي سنهڙو سرمي جهڙو ڪندي.
بلوچ صاحب لکيو هو تہ ڀٽائي متعلق عشق واري ڳالهہ غلط آهي، ڇيچ مان سيد جلهي ڪنهن ڇوڪري تي عاشق ڪونہ ٿيو هو. پاڻ وري ڀٽائي جو هي بيت بہ ڪيڍي ڇڏيائون تہ

”عاشق عزازيل بيا مڙئي سڏڙيا
منجهان سڪ سبيل، لعنتي لال ٿيو“

ڇيائون ڀٽائي جهڙو عالم درويش ڪو دنيائي عشق ڪندو ڇا؟ يا وري عاشق متعلق تہ سڀ سڏڙيا هئا. معنيٰ نعوذ بالله پيغمبر بہ سڏڙيا هئا ڇا؟
هڪ دفعو علي احمد بروهي صاحب کان پڇيوسين تہ سائين ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هيئن ٿو چوي توهان جو خيال ڇا آهي؟
جواب ڏنائين ڊاڪٽر صاحب وڏو عالم آهي، سنڌ جو وڏو دانشور آهي وڏي شخصيت آهي جو چوي تہ ڀٽائي هو ئي ڪونہ سڀ ڪوڙ آهي تہ بہ صحيح آهي.
بلڪل ائين هڪ اسان جي دانشور پي ايچ ڊي ڪئي جنهن جو عنوان هو ”سنڌي ادب ۾ طبقاتي فڪر“ ان دعويٰ ڪئي تہ
”منهنجي هن تحقيق جو مقصد آهي شاه لطيف بابت سنڌي ماڻهن جي جُڙيل رومانس کي ٽوڙڻ، مان سنڌي ماڻهن کي ٻُڌائڻ گُهران ٿو تہ جنهن (شاه لطيف) کي طبيب سمجهي پنهنجي تندرستي لاءِ وٽس وڃن ٿا اهو تہ حقيقت ۾ سنڌين کي زهر پياري رهيو آهي“!!! شاه جي رسالي ۾ شاه لطيف جو ڪلام آهي ئي ڪانہ!!! “
اها ٿيسز ڇپجي چڪي آهي؟ اسان جي دانشورن نظر انداز ڪري ڇڏيو، دوستن چيو ”اسان کي يار جي ياري سان ڪم“ تون ڇو ٿو ڪکر ۾ ڪڙا هٽي وري تنهنجي خلاف

ڪات ڪهاڙا اپا ٿيندا. ميان چڏ جيڪي هلي پيو هلڻ ڏي، گهڻن وري ا هو چيو ته گيليو واري ڳالهه منهنجي انڪار ڪرڻ سان ڪهڙو ٿو فرق پوي ؟ چا ڌرتي بيهي رهندي،اها ته گول آهي ۽ گهمي پئي. پر ڳالهه اها آهي ته اسان جي عالمن انهيءَ تي پي ايچ ڊي ڏني. سنڌي ۾ اهڙيون ڪوڙ ساريون پي ايچ ڊيز ڏنل آهن، توهان يقين ڪريو گذريل سال ليڪچررز جي اپائنٽمينٽ لاءِ انٽرويو ونندي هڪ اهڙي محترمه ليڪچرر جي اميدوار هئي جا پي ايچ ڊي هئي سا به سنڌي ۾ پر ڪيس سنڌي ڳالهائڻ نٿي آيو. اهڙا ڪوڙ مثال آهن، جن کي اها به خبر ڪونهي ته سنڌي ۾ ”د“ تي نڪتا ايندا يا نه ؟ پر پي ايچ ڊي آهن اهي به سنڌيءَ ۾ !!!

جيڪڏهن ڪو ويهي ويچاري چند چاڻ ڪري ته سنڌيءَ ۾ 50 سيڪڙو ڪان وڌيڪ پي ايچ ڊيز غير معياري ۽ ردي آهن. پر سچ ڏاڍو ڪوڙو آهي. ڪير چوي؟

سو ڳالهه پي هلي معنائن جي مونجهارن جي ج ع منگهاڻي صاحب ڪتاب لکيو ”چپر ڪين ڏي“ شاهه لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي ڇپائي پڌرو ڪيو. محترمه وڏي محنت ڪئي، پر ڇپائين ته ”تاڙو“ معنيٰ ڏيڏر، ”مڪ“ معنيٰ اڪ جو ميوو، ساڱائين معنيٰ ”ڪير لاهڻ“ نرم گوشو وغيره. رخمان گل پالاري صاحب انهي تي جواب به لکيو ته ائين ناهي پر محترمه بضد ٿي بيني ته نه آئون صحيح آهيان. بلڪ محترمه اهڙو سخت جواب ڏنو جو مون (ان وقت شاهه لطيف چيئر ۾ ريسرچ آفيسر هوس) پڙهي پالاري صاحب سان ذڪر ئي نه ڪيو بلڪ مئڊم فهميده حسين کي عرض ڪيم ته اهو جواب پالاري کي نه ڏيکارجو ماڳين دشمني نه ٿئي. پوءِ مئڊم ان مان گهٽا حصا ڪٽي شايع ڪيو هو.

ڳالهه اها آهي ته علم جو پهريون شرط آهي ته ”آئون ڪجهه نٿو ڄاڻان“ جي عروج تي پهچڻ لاءِ ڪجهه ڄاڻڻ ضروري آهي ، ڄاڻڻ لاءِ عاجزي، انڪساري ڪپي، ضد ۽ انا علم جو موت آهي، ڪابه شيءَ حتمي ناهي ان ۾ گنجائش هميشه درستگي جي هوندي آهي.

پلي ڪوهستان ۾ اهي معنائون هجن پر شاهه صرف ڪوهستان جو شاعر هو ڇا؟ بيت جي جڳهه، فڪر به ته ڏسڻ ضروري آهي ڇا؟ اسان مڃون به ڪٽي ته تاڙو معنيٰ ڏيڏر، پر اتر پار ڏي تاڙو تنواري ٿو ڇا؟ ڪوهستان واري جنهن تاڙي جي معنيٰ ڏيڏر لکي اٿس سو ته برسات کان پوءِ نڪرندو آهي ۽ ٽان ٽان ڪندو آهي تنوار نه ڪندو آهي. ان کان پوءِ ”مڪ“ ته لاڙ ۾ عام جام ٿيندي آهي، اتر ۾ ڪبڙ ٿئي ان ۾ صرف پيرون ٿيندا آهن ان ۾ مڪ ڪانه ٿئي، پر لاڙ ۾ ڪبڙ ڪانه ٿئي لاڙ ۾ ”جار“ ٿيندي آهي، اتر واري ڪبڙ الڳ آهي ان جا پن ڊگها ٿين جنهن ۾ صرف پيرون ٿين مڪ ڪانه ٿئي لاڙ ۾ جار ٿيندي آهي ڪبڙ ڪانه ٿئي، لاڙ واري جار ۾ مڪ ٿيندي آهي مارچ جي مهيني ۾ ۽ وري ان ئي جار ۾ جولاءِ، آگسٽ ۾ پيرون ٿين. پيرون ٽن رنگن جا

ٿيندا آهن،اڇا، ڪارا، گلابي، مڪ بہ ائين ٽن رنگن جي ٿيندي آهي. باقي مارئي ڪڏهن ڪان اڪ جو ميوو کائڻ لڳي. ؟؟لفظ ”ساڱائج“ اصل ۾ ساڃاهہ مان ورتل آهي اڪر ”ڃ“ هتي ادغام ( Assimilation) جي ڪري ”ڃ“ تبديل ٿي ”ڱ“ ٿي ويو آهي.

”سور نہ ساڱاهين، ڏين اُڏما اوچتو“

سور سمجهہ، ساڃاهہ گم ڪريو ڇڏين، جيئن تلسي جو هي بيت ڏسو.

چنتا سي چتورائي جاهي، دکهہ سي گهٽي سرير
تلسي يہ اچرج هي، من ڏري ڏير

چنتا معنیٰ ڳڻتي، پريشاني تڪليف ۽ چتورائي معنیٰ سمجهہ، عقل، ساڃاهہ. هاڻ ڳڻتي سان عقل ۽ سمجهہ ختم ٿئي ٿي. فڪر هڪڙو آهي. هتي نرم گوشي جو ذڪر ڪونهي.

اڃا اهي مونجهارا هليا پيا تہ مٿان محمد هنڱورو جو ڪتاب ”ڏورينديون ڏسن“ آيو هن صاحب بہ شاهہ جي معنیٰ ڪي ۽ بيتن جي درست پڙهڻي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.هنڱوري صاحب جون محنتون جس لهڻن. بيشڪ شاهہ جو شيدائي ڪٿي بہ غلط معنیٰ يا بيت جي پرهڻي پڙهندو يا ڏسندو تہ ضرور درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو، ڪيترين ئي معنیٰ صحيح سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس تڏهن بہ اڃا اصلاح جي ضرورت هوندي آهي.
هاڻي هي بيت ڏسو

”سنهي سئي سبيو، مون مارن سين مَنُ
هٽي ڪٽي جِلم جا، تهہ وڌائون تَنُ
ڪيئن ٿوپايان ڪَنُ، اباڻي ابر ريءَ

هن بيت ۾ مَنُ، ڪَنُ ۽ تَنُ هم آواز لفظ يعني قافيا آهن جن بيت کي موسيقي ۽ جماليات بخشي آهي، پر محمد هنڱورو صاحب چوي ٿو اهو لفظ تَنُ ناهي بلڪ تُنُ آهي جنهن جي معنیٰ ڪپڙي ۾ تنگ ٽيڻ آهي برابر لفظ تُنُ موجود آهي پر هن بيت ۾ تُنُ ڪري پڙهو بيت جي سچي موسيقي ختم ٿي ويندي. قافيو پڻ ڪمزور ٿي پوندو. اهڙي طرح هي بيت ڏسو.

”مَ سپني مارئي، مئي مَ جائي
جنهن اچي عمر ڪوٽ ۾، لوئي لڄائي
جا سانگين سيڏائي، سا ڪين مرڪي ماڙيين.

محمد منگهورو صاحب چوي ٿو:

”دراصل هي لفظ سيڏائي نہ پر سڏائي آهي يعني مارو جن کي سارين پيا، سڏين پيا. جيئن داستان 9 ۾ جي بيت ۾ چيو ويو آهي.

”تارا تنوارين مينهن وسندا موٽ تون“

اهو لفظ ”سيڏائي“ نہ پر اتي ”سڏائي“ آهي جنهن لاءِ هيئين بيت کي مثال طور ڏنو اٿس:

جنهن ستيءَ سَٽُ نہ ڇڏيو، سا مارئي مَرُ جائي،
اچي عمر ڪوٽ ۾، جنهن لڄ نہ لڄائي
جا سانگين سڏائي، سا ڪين رهندي ڪوٽ ۾.

ڳالهہ اها آهي تہ بلڪل اها ڳالهہ ابتي بہ ٿي سگهي ٿي.. سڏائي يا سيڏائي ؟بيو تہ هنگهورو صاحب ائين فتويٰ ڪيئن ٿو ڏي اچا ائين چوي تہ ”منهنجي خيال ۾ متان هيئن هجي تہ تہ بهتر لڳندو.

هن بيت جي هڪ سٽ ڏسو:

سَتي ٿي سيڏائي، لنڊي ٿي لاڏ ڪري

هتي ”سيڏائي“ جي معنيٰ آهي سڪي ٿي، واجهائي ٿي، ساري ٿي. هاڻي پڙهندڙ سمجهي ويو هوندو.

ان کان پوءِ امداد حسيني ڪجهہ ڏينهن اڳ ”سوجهرو“ رسالي ۾ اهو بحث ڪيو تہ شاهہ لطيف لفظ ”تِن“ ۽ ”جِن“ يعني زير جو استعمال نہ ڪيو آهي پر زبر يعني ”جَن“ ۽ تَن استعمال ڪيو آهي، اسان هٿ ٻڌي عرض ڪيو تہ سائين لاڙ ۾ چون ئي جِن ۽ تِن يا جِنين ۽ تِنين پر امداد صاحب چيو تہ نہ پيرو مل لکيو آهي تہ آهي ئي جَن ۽ تَن، رخمان گل پالاريءَ بہ ڪيس جواب ڏنو تہ سائين شاهہ صاحب جِن ۽ تِن استعمال ڪيو آهي، منهنجو خيال هو تہ شاهہ بيتن جي موسيقي ۽ جماليات ناهڻ لاءِ سيئي ئي لهجا استعمال ڪيا آهن ايتري قدر جو عربي ۽ فارسي جا لفظ بہ انهيءَ موسيقي لاءِ استعمال ڪيا اٿس. مثال

”بيهر چاپي چاڻ، ابر جي اوصاف کي“

هاڻ پڻائي ”ابر“ فارسي لفظ استعمال ڪيو آهي. بيت ۾ جي اسان سئي جو لفظ استعمال ڪريون مثال:

”بيهر چاپي چاڻ، سئي جي خاصيتن کي“

هاڻي بيت جو مزو خراب ٿي ويو، موسيقي جو ردم ٽٽي ويو. اهڙي طرح هن

بيت جي سٽ ڏسو:

”چنگهه چرڪي وات ۾، سسي ڪي سنسار“

هاڻي هتي چنگهه لفظ اترادي لهجي جو آهي لاڙ ۾ چنگهه ڪونه چون تنگهه چون. پر شاهه جي بيت جي موسيقي ۽ ردم جي ڪري شاعر کي اها آزادي هوندي آهي ته هو شاعري کي خوبصورت بنائڻ لاءِ ٻين لهجن ۽ ٻولين جا لفظ استعمال ڪري.

اهڙا ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ ڪوڙ سارا مثال آهن. انهي ڪري امداد صاحب هڪ بيت ڏنو هو ته:

”محبت پائي من ۾، رنديا روڙيا جن
تن جو صرافن، اڻ توريو اگهايو“

هاڻي امداد جو خيال هو ته جَن ۽ صَرافَن ۾ ”فَن“ هم قافيا آواز آهن تنهن ڪري ڀٽائي زبر استعمال ڪئي آهي. پر اهڙا ڪوڙ سارا مثال زير جا به ملندا اهي امداد صاحب ڪونه ڏنا. اسان جي گهڻن عالمن اترادي معياريءَ لاڙي لهجو گاڏڙ ساڏڙ ڪري شاهه جو رسالو ترتيب ڏنو آهي، گهٽ ۾ گهٽ ”ڪاموڏ“ سر ۾ ته شاهه لاڙي لهجو استعمال ڪيو هوندو؟؟ جيڪو ماڇر جو داستان آهي پر ان ۾ به اسان جي عالمن ”جَن“، ”تَن“ استعمال ڪيو آهي. هاڻي ماڇر ۾ ڪو به وچي ڏسي اتي ڪو به ماڻهو جَن ۽ تَن استعمال ڪونه ٿو ڪري سڀ جِنءِ تِن ۽ جِنين، تِنين استعمال ڪن ٿا. مثال هي بيت ڏسو:

ڪاڄ جَني جو ڪڪيون، مال تَني جو مڏ
سمي سيئي سيڻ ڪِئا، هيٺا جن جا هڏ
چام پرتيئي لڏ، سانگين جي سيد چئي
(ٻانهون خان شيخ)

هاڻي ليڪ ڏنل لفظ ڏسو تَني، جَني اترادي ته ڪِئا لفظ لاڙي استعمال ڪيل آهي. معياري ڪَيا آهي.

اهڙي طرح اسان جي عالمن آهستي آهستي شاهه جي ٻولي کي معياري لهجي ۾ تبديل ڪرڻ جي شروعات ڪئي آهي. جنهن سان شاهه جي شاعريءَ جي سونهن ختم ٿي ويندي.

اهو اهڙو مونجهارو پيدا ڪيو ويو آهي جنهن سان شاهه جي شاعري جي اهميت ۽ سونهن اسان وڃائي ڇڏينداسين.

هتي آئون هڪڙي ڳالهه ڏيان ۾ آڻڻ چاهيان ٿو ته تقريبن سيني سرن جي

سرزمين لاڙ، ڪوهستان، ٿر ۽ ڪڇ آهي. تنهن ڪري زياده تر پٽائي جي ٻولي لاڙي آهي، جڏهن تہ باقي سڀ لهجا بہ استعمال ڪيل آهن. مثال ساموندي، سريراڳ، ڪاموڏ، ڏهر، رپ وغيره لاڙ جا وري سسئي لاڙ کان ڪوهستان، مومل جو هنڌ بہ جيسلمير آهي سهڻي شهداد پور، مارئي ٿر جي، وغيره

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب هڪ دفعو شاهہ جي رسالي ۾ اتر واري خاموش "ر" بہ لکي هئي مثال "باب ٽريو"، "پٽر" ۽ "ڪنڊر" وغيره جنهن تي ڊاڪٽر الانا صاحب بہ اعتراض واريو هو. هن جو چوڻ هو تہ پٽائي واري علائقي يعني هالا واري علائقي ۾ ڪٿي بہ ائين نٿو ڳالهايو وڃي. توهان پنهنجي لهجي کي پٽائي جو لهجو ڪيئن بنايو آهي ؟ ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان جو خاطر خواه ڪو جواب نہ ڏنو.

اسان ننڍي هوندي ولاديمير ايل ايچ لينن جا ڪتاب پڙهندا هئاسين جن ۾ هو مخالفن کي جواب ڏيندي چوندو هو تہ: "هو سمجهن ٿا تہ هنن اهو شوشو ڇڏي وڏو تير ماري ڇڏيو آهي، ڪو وڏو ٿرٿلو اچي ويندو."

سو اوچتو ماٺهو شوشا ڇڏيو سمجهن ٿا تہ صرف ڪين ئي خبر آهي، "ڦريا پسي ڦيڻ، ڪرين ڪير نہ چکيو" هو سمجهن ٿا تہ اوچتو ڪا نئين ڳالهہ ڪري وڏو شوشو ڇڏي ٿرٿلو مچائي ڇڏينداسين ماڻهو پٽائي جو وڏو پارکو چوندا... اصل واهہ اوهہ ٿي ويندي.

هتي آئون اهو عرض ڪندو هلان تہ لاڙ ۾ "بلا" ۽ "نانگ" بہ الڳ الڳ معنيٰ ۾ ورتو ويندو آهي، "بلا" ڪنهن مصيبت کي يا ڪنهن بہ خوفناڪ جانور کي ڏسي چون "مار! وڏي ڪا وڏي ڪا بلا آهي" باقي بلا جيڪا سرنڌڙ نانگ وانگر آهي ان کي بہ نانگ چون. ڊاڪٽر عابد لغاري صاحب جو چوڻ آهي تہ بلا ڦڻ ڪانہ ڪيندي آهي نانگ ڦڻ ڪيندو آهي. هاڻ ڪپر ڦڻ ڪونہ ڪيڏي پر پٽائي ان کي نانگ چيو آ هي شايد ان ڪري جو لاڙ ۾ سيني کي نانگ چون پر اها ڳالهہ حتمي ناهي اجا تحقيق طلب آهي.

ڪجهہ ڏينهن اڳ مون ڪلاس ۾ شاگردن کي بيت پڙهي ٻڌايو ۽ ڪائن معنيٰ پڇي، پر مزي جي ڳالهہ اها تہ صرف هڪ لاڙ جي ڇوڪري معنيٰ ٻڌائي سگهي. تڏهن مون کي احساس ٿيو تہ لاڙ ۽ اتر جي لهجن ۾ ڪيڏو ويڇو آهي ؟ بيت هن ريت آهي

> بـرو هـو پـنـهـور، جـو آريـاڻـيءِ اجـاريـو،
> لاٿـو سـڀ لـوڪ تـان، هـاڙهـي ڏٺـيءَ هـور،
> چوريون چرڻ سکيون، پنهون ڪيائون پور،
> آيـو سـو اتـور، جـنـهـن ڏکـيـون ڏِک ويـهـاريـون.
> (سسئي حسيني داستان ٿيو)

هتي چرڻ، پور، ۽ ڏڪ جي معنئ ڪنهن کي بہ نہ آئي، هن بيت سان سيني ظلم ڪيو آهي ڪلياڻ آڏواڻي صاحب ”ڏِڪ“ جي معنئ هار سيگار لکيو آهي، ۽ انهي خان معنئ نيڪ ڏني پر بيت غلط لکيو اٿس

”چوريون چرڻ سکيون، پنهون منهنجو پور“

هاڻي چرڻ معنئ ڪپڙي تي پرت پرڻ لاءِ ڪاٺ جو پور جنهن تي پرت جا چٽ اڪريل هوندا آهن، اهي مس ۾ ٻوڙي هنيا ويندا آهن، ان ڪان پوءِ ان تي ڪچو پرت ۽ پوءِ پڪو پرت پريو ويندو آهي.اهو پرت گهڻو ڪري ”هرمچ“ جو هوندو آهي. لفظ ”ڏڪ“ جي معنئ شادي يا طهر ۾ گهوٽ يا ڪنوار کي مينڌي هڻي ان کي سهرا ٻڌي ان ڪان چيني جي پليٽ يا مٽ يا دلي جي ڍڪڻي ڀڃائي ويندي آهي ان کي ڏڪ چوندا آهن. ياد رهي تہ ڏِڪ شادي ناهي، پر هر گهوٽ جي هڪ رسم آهي، جيڪا شادي ڪان اڳ يا طهرن ڪان اڳ ادا ڪرائي ويندي آهي. گهوٽ هڪ ڌڪ سان پليٽ يا ڍڪڻي ڀڃي ڇڏي تہ معنئ گهوٽ مظبوط ۽ خوش آهي هن ڪاج لاءِ، منجهس جوش ۽ جذبو آهي پر جي پليٽ يا ڍڪڻي نہ ڀڳي تہ بد سوڻ سمجهيو ويندو آهي پوءِ گهوٽ جي ماءَ يا ڪو ٻيو گهوٽ يا ڪنوار جي پاران ڀڃي ڇڏيندو شاهہ جو هڪ بيت ڏسو:

”پوچا ڏنم پير ڍڪڻ متي ڍول جا
مون پانيو تنهن وير، ڪوجهي ڪندو پريئڙي.“
(ليلا چنيسر داستان پهريون)

هتي چنيسر شادي جي رسم ۾ ڍڪڻ نہ ڀڳو يا پير ڍڪڻ تي انهيءَ جوش، جذبي ۽ سرهائي سان نہ رکيائين. تنهن مان ليلا اندازو لڳايو تہ پريت ۾ ڪا ڪچائي آهي.

هاڻي پنهون منهنجو پور يا ڪياڻون پور؟ پور ڪاٺ جو ٺپو ٿيندو آهي جنهن تي هرمچ جو پرت اڪريل هوندو آهي. اهو ڳوٺ سڄي ۾ هڪڙو ٿيندو آهي. يا ڪنهن هڪ گهر وارن وٽ اهي ٺپا ٿيندا آهن هر گهر ۾ نہ ٿيندا آهن، جنهن کي پرت پرڻو هوندو آهي اهو اتان ٺپو گهرائي ”چِر“ ڪري پوءِ پرت پريندي آهي. هاڻي پنهون آئيډيل پور آهي محبت، پيار ۽ شادي جو جيڪو سسئي وٽ آهي هر ڇوڪري جيڪا پيار ڪرڻ ٿي چاهي ان لاءِ پنهون آئيڊيل آهي ڇو تہ سسئي جو پرت سيني کي وڻيو آهي. هاڻي هر ڇوڪري پنهون جي طرز جو پيار پنهنجي ور سان پنهنجي ڪانڌ ڪرڻ ٿي چاهي. پيار جي ريت هلي پئي آهي جيئن پرت وڻي ويو تہ سڄي ڳوٺ ۾ اهو پور گهرائي هر ڇوڪري اهو پرت ويني پريندي. هاڻي پنهون منهنجو پور ڪئنا ٿيندو؟ پنهون تہ صرف سسئي جو پور آهي تنهن ڪري منهنجي خيال ۾ اها

سٺ صحيح هن ريت آهي جيڪا ڪلياڻ آڏواڻي ڏني آهي تہ "پنهون ڪيائون پور"

لاڙ جا ڪيترا لفظ اهڙا آهن جيڪي اتر جي لهجي ۾ بلڪل ناهن مثال: ٻِد، سانڏاڻو، ڪَمَ، ڪوٽيون، مَڪَ، لوڙيون، ٻور، مريون، ڇَلَ، گند، ڪَرو، آهير، مُتو، وِلَلَ، ڦوڪي، ڏُٽي، پَٽون، ڪڄاڙو، آن، ڏونُ، چونُ، رونُ، ڪُتي،نيهائين، سئا پلا( جنهن شعلا پلا بہ چون ۽ هاڻي سنڌي پرياني چون) خُشڪو پٽ(اهو پٽ جنهن کي داڳ ڏيئي رڌيو وڃي اڪثر لاڙ ۾ رکو پٽ رڌبو آهي يعني صرف پاڻي ۾ چانور رڌڻ پر جڏهن گيهہ وجهي داڳ ڏيئي رڌجي تہ ان کي خشڪو پٽ چون خشڪو لفظ "خوش + ڪو آهي) ڪدڙو پٽ، ڪالهہ، ڏِڪ، وغيره ۽ ساڳي وقت اتر ۾ گهٽن لفظن ۾ الف ناهي مثال آچار کي اتر ۾ آچر چون، پنهوار کي پنهور، لوهار کي لوهر، ڪنڀار کي ڪنڀر وغيره.

**نتيجو :**

بحث ۽ تحقيق جو حاصل نتيجو هي آهي تہ ڀٽائي جي بيتن جي معنائن ۽ لفظن جي ادائيگي بابت مونجهارا گهٽا وڌندا وڃن. جيئن ماڻهو شهرن ۾ آباد ٿين ٿا ۽ سائنسي ايجادن ۽ ميڊيا جي دور ۾ پير پائن ٿا تہ فطرتي ٻولي جي لفظن جي معنائن بابت مونجهارا بہ وڌندا وڃن. جنهن جو هڪ تہ سبب اهو آهي تہ فطرتي شيون ختم ٿينديون وڃن، مصنوعي شيون ظاهر ٿي رهيو ن آهن. ماحولياتي تبديلي بہ ٻوليءَ لاءِ هاڃيڪار ٿي رهي آهي. ڇو نہ ڪا اهڙي ڪاميٽي ٺاهجي جنهن ۾ سنڌ جي سڀني علا ئقن ۽ لهجن جا ڏاها شامل هجن هر بيت جي معنیٰ، ادائيگي، لفظ ان علائقي ۾ وڃي پروڙجن، اهڙو رسالو ترتيب ڏجي جيڪو سڄي سنڌ لاءِ مستند ۽ قابل قبول هجي باقي شخصي رسالا معنیٰ سان گڏ پنهنجي مرضي موجب بيتن جون سٽون ۽ لفظ بہ بدلايو ڇڏين، ظاهر آهي هي ڪم ڪو ادارو هٿ ۾ کڻي سگهي ٿو. پر ادارن تي رٽائرڊ ۽ ڏنڏوڙي ماڻهن جو قبضو آهي تنهن ڪري "ٻہرن کان ٻير گهرڻ اجايا آهن" پر سنڌ وارن کي اهو سمجهڻو پوندو تہ 21 صدي جو وڏو ڪارنامو هوندو جو اسان پنهنجي ٻولي بچائي ويندا سين ۽ سنڌي ماڻهن کي شاهہ جو مستند رسالو ڏيئي ويندا سين.

**حوالا:**


1) ايچ ٽي سورلي ڀٽ جو شاهہ ترجمو عطا محمد ڀنڀرو سنڌيڪا ايڪڊمي ڪراچي جولاءِ 1992ع ص 410

2) تنوير عباسي شاهہ لطيف جي شاعري روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1995ع ص 117 کان 118.

3) ٻانهون خان شيخ "شاهہ جو رسالو" جلد ٽيون شاهہ لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي ڪراچي ص 332 داستان ٽيون

4) نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر "شاهہ جو رسالو" جلد پهريون شاهہ لطيف ثقافتي مرڪز ڪاميٽي ڀٽ شاهہ 1989ع ص 23

5) شاهه لطيف ڀٽائي ڪانفرنس ڀٽ شاهه 1993ع ۾ علي احمد بروهي ڳالهائيندي هڪ سوال جو جواب ڏنو

6) فيض جوڻيجو "طبقاتي فڪر جو سنڌي ادب تي اثر" سنڌ سڏار پبلشر سنڌ 2015 ص 12 ۽ 114

7) ج.ع منگهاڻي "چپر ڪين ڏي" شاهه لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي ڪراچي 2002 ص 142 ۽ 145

8) هنگورو "ڏورينديون ڏسن" نئين جاڪور پبليڪيشن مٺي ٿرپاڪر 2014ع ص 88

9) ساڳيو ص 88 کان

10) محمد هنگورو "ڏورينديون ڏسن" ص 85

11) محمد هنگورو "ڏورينديون ڏسن" ص 85

12) امداد حسيني لطيفيات ۽ لسانيات ، سوجهرو رسالو تاج بلوچ نمبر 186 سيپٽمبر 2014ع

13) نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر "شاهه جو رسالو" جلد پهريون شاهه لطيف ثقافتي مرڪز ڪاميٽي ڀٽ شاهه 1989ع

14) ذاتي ڪچهري ڊاڪٽر عابد لغاري سان 2010 ۾

15) ڪلياڻ آڏواڻي "شاهه جو رسالو" سنڌيڪا 2004ع ص 221

16) ٻانهون خان شيخ شاهه جو رسالو جلد ٻيو ص 276

17) ڪلياڻ آڏواڻي "شاهه جو رسالو" سنڌيڪا ص 240 17.